SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2009
SINDH ACT NO.I OF 2009

سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ترميم) ايڪٽ، 2008
THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (AMENDMENT) ACT, 2008

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.V of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ۾ لفظن جي ترميم
Amendment in the words of Sindh Act No.V of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act No.V of 1975

5. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.V of 1975

6. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act No.V of 1975

7. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act No.V of 1975

8. دفعه 15_A جي شموليت

Insertion of Section 15_A

.9 حدخليون هٽائڻ وارو فورس جو قيام

Establishment of Anti_Encroachment Force

.10 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ۾ دفعہ 18 جو اضافو

Addition of Section 18 in the Sindh Act No.V of 1975

.11 ٻين قانونن تي برتري رکڻ جو ايڪٽ

Act to over_ride other laws

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2009
SINDH ACT NO.I OF 2009
سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ترميم) ايڪٽ، 2008
THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (AMENDMENT) ACT, 2008

[29 جنوري 2009]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ترميم) ايڪٽ، 2008 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of

2. سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڙهايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (f) لاءِ هيٺين ريت متبادل ڏيندو:

"(f) "ڪائونسل" مطلب ڪائونسل جيئن سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ بيان ڪيل آهي."

Sindh Act No.V of 1975

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ۾ لفظن جي ترميم
Amendment in the words of Sindh Act No.V of 1975

3.سڄي ايڪٽ ۾ لفظن "لوڪل ڪائونسل" ڪي لفظ "ڪائونسل" سان تبديل ڪيو ويندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act No.V of 1975

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ٽي ڏينهن" لاءِ لفظ "ٻہ ڏينهن" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.V of 1975

5.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ست ڏينهن" لاءِ لفظ "ٽي ڏينهن" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي

6.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ست ڏينهن" لاءِ لفظ "ٽي ڏينهن" متبادل ٿيندا.

دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act No.V of 1975

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act No.V of 1975

7.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

(1) ڪو شخص جيڪو حددخلي جو ذميوار هجي، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا پنجن سالن تائين وڌي سگهي ٿي پر هڪ سال کان گهٽ نہ ۽ ڏنڊ جيڪو پنج لک رپين تائين وڌي سگهي ٿو."

دفعہ 15_A جي شموليت
Insertion of Section 15_A

8.چاڙهايل ايڪٽ ۾ دفعہ 15 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

حددخليون هٽائڻ واري فورس جو قيام
Establishment of Anti_ Encroachment Force

"15_A. حڪومت عوامي ملڪيت تي حددخلين کان بچاءَ لاءِ ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ، بيان ڪيل طريقي موجب حددخلين هٽائڻ وارو فورس قائم ڪري سگهي ٿي."

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ۾ دفعہ 18 جو اضافو

9.چاڙهايل ايڪٽ ۾ دفعہ 17 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

Addition of Section 18 in the Sindh Act No.V of 1975	
ٻين قانونن تي برتري رکڻ جو ايڪٽ Act to over_ride other laws	“18. هن ايڪٽ جون گنجائشون حاوي رهڻ جو اثر رکنديون بشرطيڪ اهي ٻئي ڪنهن لاڳو قانون جي تضاد ۾ نہ هجن.”.
	نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.